# وڏن ڊيمن خلاف عالمي ڏينهن تي
# ڪالاباغ ڊيم جو ڪيس بہ آڏو رکجي ٿو

رسول بخش پليجو

سنڌو نديءَ ۾ ڊيم تہ ڇا واهن کي ڏيڻ لاءِ بہ ڪو پاڻي ڪونهي، ان ڪري اهو ظالماڻو مذاق فورن بند ڪري قطعي اعلان ڪيو وڃي تہ ڪوبہ ڪالاباغ يا اهڙو ڊيم نہ ٺاهيو ويندو. هونئن تہ ڪنهن وڏيڪ ڊيم ٺاهڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي پر جي پاڪستان ۾ هرويرو ڪوبہ ڊيم ٺاهڻ جو شوق آهي تہ فقط هڪڙو ڊيم ٺهي سگهي ٿو يعني اسڪردوءَ وٽ Carry over dam جنهن ۾ چوٿين پنجين سال جيڪي ٻوڏون اچن ٿيون. تن جو پاڻي گڏ ڪري رکجي ۽ حصي رسيءَ سان سيني کي ملي ۽ ايئن نہ ٿئي تہ سمورو پاڻي پنجاب ٻهاري کڻي وڃي جيئن هاڻ کڻي پيو وڃي.

ٻيو تہ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سڄي معاملي کي صاف ڪرڻ ۽ سيني جي حق رسي ڪرڻ لاءِ:

(1) ڪالاباغ ڊيم منصوبي کي قطعي طور رد ڪرڻ جو اعلان ڪيو وڃي.

(2) چشمہ جهلم ۽ تونسہ پنجند بي قاعدي ۽ زبردستي مڙهيل واهہ فورن ۽ هميشہ لاءِ بند ڪيا وڃن ۽ انهن جو پاڻي سنڌ کي پهچايو وڃي.

(3) انهن ڏٺمن ذريعي سنڌ کي رسايل اربين کربين رپين جي نقصان جو سنڌ جي هارين ۽ آبادگارن کي معاوضو فورن ڏنو وڃي.

سنڌ خلاف اڌ صديءَ تائين هڪڙي ڪئين مرحلن واري، ڊگهي، گهڻ طور، سياسي، انتظامي، نفسياتي ۽ پروپيگنڊا ئي سازش جي مهم رات ڏينهن هلائڻ کان پوءِ اڄ سنڌونديءَ جا مالڪ سنڌين بدران ٻيا ٿيا وينا آهن. سنڌ ۾ سنڌو ندي سڪي پئي آهي ۽ سنڌي ماڻهو سنڌوءَ جي پاڻي لاءِ واجهائين پيا ۽

مٿان وري ڪالاباغ ڊيم ناهي رهيل لپ پاڻي جي به ڪٽي وجهڻ لاءِ ڏاڍي ڏاڍ لڳي پيئي آهي. ان وچ ۾ چشمه لنڪ ڪي واهه مان ڦيرائي هڪڙو درياهه ٻڻائي سنڌوءَ کي مٿان ئي مٿان لٽي ڪٽي وجهڻ لاءِ نئين بجيٽ ۾ هڪ ارب روپيا الڳ رکيا ويا آهن.

ڪالاباغ ڊيم يا ڪنهن ٻئي ڊيم ۾ گڏ ڪرڻ لاءِ سنڌوندي ۾ ڪو به بچتو پاڻي ڪونهي، پاڻي جو ڦڙو به بچت ۾ ڪونهي. پاڪستان جي سمورن درياهن جي پاڻي ۾ ڪيترين ئي ڌرين حصيدار آهن، اهي حصيدار ڪير ڪير آهن، انهن مان ڪنهن کي، ڪهڙي درياهه جو، ڪٿان، ڪيترو پاڻي ملڻ گهرجي، تن ڳالهين جا صحيح يا غلط پر فيصلا اڳيئي ٿيل آهن.

پهريون فيصلو 1960ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ٿيل آهي، جنهن کي سنڌوءَ جي تاله جي پاڻيءَ جو عهدنامو (Indus basin Water Treaty) سڏجي ٿو. ٻيو پاڪستان جي صوبن جي وچ ۾ 1991ع ۾ ٿيل آهي، جنهن کي پاڻيءَ جو ناهه (Water Accord) چئجي ٿو. انهن فيصلن جي ڪري سنڌو درياهه جي پاڻيءَ جي ڦڙي ڦڙي جي ورهاست اڳ ئي ٿي پيئي آهي ۽ ورهاست موجب سمورو پاڻي مختلف ڌرين جي ملڪيت بنجي چڪو آهي. پنجاب پنهنجي پتيءَ کان به وڌيڪ پاڻي پيو ڪٽي. ڪن ڌرين (هندستان ۽ صوبي سرحد وغيره) پنهنجي پتيءَ جو ڪجهه پاڻي ڪنيو ۽ ڪتب آندو آهي، پر اجا پنهنجي پتيءَ جو سمورو پاڻي ڪتب آڻڻ لاءِ ڪين ڪي واهه ۽ بند تيار ڪرڻا آهن. جڏهن اهي تيارٿيندا ته اهي پنهنجي پتيءَ جو باقي رهيل پاڻي ڪٽندا. ڪجهه پاڻي ڪن لازمي ڪارجن ۾ جهڙوڪ سنڌ ۾ سمنڊ جي لوٽانيل پاڻيءَ جي واڌ کي روڪڻ لاءِ استعمال ٿيڻو آهي، پاڻيءَ جو ٻيو ڪجهه مقدار فطري قانون مطابق هر سال ٻاڦ جي صورت ۾ ضايع ٿيڻو آهي ۽ ٿيندو رهندو اهڙي ريت سنڌوءَ جو سمورو پاڻي اڳيئي حصيدارن ۽ فطري ضرورتن ۾ ورهائجي ويل آهي، ڦڙو به بچيل ڪونهي، پر پنجاب ۽ واپڊا وارن ڪوڙ ڪري لکي ڇڏيو آهي ته، ”سنڌوءَ ۾ پاڻي جام پيو آهي“ ۽ واڪي تي واڪو پيو پوين ته، ”هڪدم ڪالاباغ ڊيم ناهي ڏيو.“.

دراصل حساب ڪتاب موجب، سمورين ڌرين جي حصيداري آهر ۽ ٻين لازمي گهرجن جي پورت لاءِ، جيترو ساليانو پاڻي درياهه ۾ هجڻ گهرجي،

سنڌوءَ ۾ ان کان سراسري طور 07. ماف (ملين ايڪڙ فوٽ) پاڻي گهٽ آهي. واپڊا هٿرادي بچت ڪيئن ٿي پيدا ڪري!

واپڊا جي انجنيئرن ڪالاباغ ۾ گڏ ڪرڻ لاءِ گهربل پاڻيءَ جي هٿرادي گنجائش ڏيکارڻ لاءِ سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي صاف ۽ پڌري پٽ پيل حساب ڪتاب ۾ ڪيئن هٿ جون صفايون ڏيکاريون آهن، ان لاءِ هنن هڪڙو ته سنڌوءَ ۾ سراسري طرح جيترو آبادي لاءِ واقعي ڪتب آڻڻ جوڳو ساليانو وهڪري جو پاڻي اچي ٿو، تنهن جو ڪوڙ ڪري انگ وڌائي ڇڏيو آهي، ٻيو جيترو پاڻي ورهائجي ڌرين جي ملڪيت بنجي ويو آهي، پر اجان مڪمل طرح ڪتب نه آيو آهي، تنهن جو انگ به حساب مان گم ڪري، ان پاڻيءَ جي مقدار ڪي به ڪالاباغ ڊيم لاءِ هڪيو تڪيو موجود ۽ ميسر پاڻي پيا ڳڻائين، ٽيون جيڪو پاڻي ڪوٽڙيءَ کان هيٺ سمنڊ ڪي روڪڻ لاءِ لازمي طرح سمنڊ ڏانهن وهائي ڇڏڻو آهي، اهو به چون ٿا ته، ڪالاباغ ڊيم ڪي ڀرڻ لاءِ موجود آهي، چوٿون جيڪو پاڻي سال به سال باقي بنجي اڏامي وڃي ٿو، ان لاءِ به چون ٿا ته، اهو موجود آهي، ان مان ڪالاباغ ڊيم ڀريندا سون. غيرمعمولي بارش ۽ برف جي گهٽي رجڻ ڪري درياهن ۾ سراسري طور پنجن سالن مان هڪ سال ۾ پاڻي تمام گهڻو ايندو آهي ۽ نهايت تيز رفتاريءَ سان وهندو آهي. اهو گهڻو پاڻي گهٽا فصل اپائڻ بدران الٽو ٻوڏون آڻي فصلن ۽ ماڻهن جو گهڻو نقصان ڪندو آهي. ان ڪري بين الاقوامي وهنوار ۾ ٻوڏن واري سال جي پاڻيءَ ڪي فصلن اپائڻ واري پاڻي جي حساب ۾ شامل نه ڪرڻو آهي ۽ ڪنهن درياهه ۾ سراسري طور هڪ سال ۾ ڪيترو پاڻي وهي ٿو، تنهن سراسري ڪڍڻ جي حساب ۾ ٻوڏ يا سوڪ واري سال جو پاڻي شامل نه ڪيو ويندو آهي.

سنڌ جي لاڙ ڪي سمنڊ جي کاري پاڻيءَ هٿان رڻ پٽ بنجڻ کان بچائڻ لاءِ 20 کان 30 ماف پاڻي ڪوٽڙيءَ کان هيٺ ڇڏڻ لازمي آهي، خود نواز شريف- جام صادق واري 16-3-1991 واري پاڻيءَ جي ناهه جي فقري نمبر 7 ۾ اهو تسليم ٿيل آهي ته سمنڊ ڪي سنڌ ۾ ڏوڪي اچڻ کان روڪڻ لاءِ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ هڪڙو مقرر گهٽ ۾ گهٽ پاڻي جو مقدار وهائڻ لازمي آهي. نوازشريف جي پنهنجي جام حڪومت ڪي به چوڻو پيو ته ٻيو نه ته 10 ماف پاڻي جي ان لازمي ڪپت ڪي واپڊا گم ڪري ڇڏيو آهي، اهو پاڻي به بچت ۾ شمار ڪيو

اتن! اهو پاڻي ايئن ڪتب آڻڻ ڪيڏو ضروري آهي، سو ان مان ظاهر آهي تہ 17 جون 1992ع تي پاڪستان سرڪار ان سلسلي ۾ تحقيقات جي ڪم جو دائرو (T.O.R) مقرر ڪندي لکيو:

”جيتوڻيڪ (پاڻيءَ واري) ناهہ ۾ اهو تسليم ڪيل آهي تہ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ هر سال مقرر مقدار ۾ پاڻي وهڻ گهرجي، پر چئني صوبن کي اڳين 11 سالن جي پيٽ ۾ 12 ماف پاڻي وڌيڪ ڏيئي ڪل انگ 117 ماف تائين پهچايو ويو آهي. انديشو آهي تہ صوبن طرفان وڌيڪ پاڻي کڻڻ ڪري ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻيءَ جي سپلائي گهٽجي ويندي، جنهن جي ڪري سمنڊ جو کارو پاڻي وڌي ايندو. نديءَ جي چوڙ وارن گهارن ۾لوڻ جي سطح چڙهي ويندي، جهنگلي جيوت بدلجي ويندي ۽ نظام زندگيءَ جي خوراڪ جو توازن بگڙجي ويندو.“

هتي اها نهايت اهم ڳالهہ نوٽ ڪرڻ ضروري آهي تہ، متين لکت ۾ خود حڪومت پاڪستان بہ قبول ٿي ڪري تہ 1991ع جي پاڻي واري ناهہ ۾ جيترو (گهٽو) پاڻي سنڌوءَ ۾ موجود ڄاڻائي ورهايو ويو آهي، تنهن کان پوءِ انديشو آهي تہ ڪوٽڙي کان هيٺ ڇڏڻ لاءِ پاڻي بہ مشڪل بچي! پاڻي جي اهڙي کوٽ هوندي نوان ڊيم ٺاهڻ ۽ پرڻ جون سازشي ڳالهيون ڪرڻ جومطلب فقط ۽ فقط سنڌ جي حصي جي پاڻي کي زبردستي روڪي، ڊيم ۾ وجهي زبردستي کڻي وڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪهڙو ٿو ٿي سگهي؟

عالمي بئنڪ بہ پنهنجين تازين رپورٽن ۾ (ڏسو رپورٽ: پاڪستان جي قدرتي وسيلن ۾ ماحولياتي انتظام ۾ سڌارو آڻڻ لاءِ وچٽري عرصي واسطي پاليسي ايجنڊا- عالمي بئنڪ ايمينارجيس) سمنڊ طرف پاڻي وهائڻ جي مسئلي کي حل ڪرڻ تي زور ڏنو آهي ۽ ٻي صورت ۾ اڪيچار ماحولياتي مسئلن پيدا ٿيڻ جي نشاندهي ڪئي آهي. جهڙوڪ، ساموندي ڪناري تي تمر جي ٻيلن جي تباهي وغيره.

هي زمانو ننڍن ۽ سستن ڊيمن جو آهي. ڪالاباغ ڊيم جهڙا وڏا ۽ انتهائي مهانگا ڊيم جن ۾ منگلا ۽ تربيلا ڊيمن وانگر جلد ئي لٽ پرجيو وڃي ۽ اهي جلد نلها نڪر بنجيو وڃن، سي اجوڪي دنيا ۾ عالمي سطح تي بيحد نامقبول، مدي خارج ۽ نقصانڪار ثابت ٿي چڪا آهن. سڄي دنيا ۾ اهڙا ڊيم هڪڙا ڊانا پيا وڃن، ٻين کي ڊاهڻ لاءِ زبردست تحريڪون پيون هلن.

ماهرن جو چوڻ آهي تہ ڪالاباغ ڊيم واري هنڌ ڪو ڊيم ناهبو تہ سڄي ڊيم جو ۾ سڄي سنڌونديءَ جو پاڻي لوڻ سان پرجي زهريلو بنجي پوندو، ڇو تہ اهو هنڌ هڪڙي 5 ارب سال پراڻي پئسفڪ سمنڊ جيتري اونهي سمنڊ جي مٿان پکڙيل ساموندي لوڻ جي پهاڙن جي سلسلي جي مٿان آهي، جيئن ئي ان تي ڊيم ۾ ڊيم جي پاڻي جو اٿاهہ بار پوندو، تيئن اهي 50 ڪروڙ سالن کان 5 ارب سال اڳ تائين ناهيل لوڻ جا 600 کان 2000 ميٽر ٿلها پهاڙ وگهري پاڻي تي، اجگر جيڏا لوٽانيل ڦوهارا مٿي اڇلي، سڄو ڊيم ۾ سڄي سنڌو ندي زهر بنائي ڇڏيندا. انهن لوڻ جي پهاڙن سلسلن جو اتريون ڇيڙو ڪالاباغ ڊيم جي هنڌ جي اتر ۾ ڪالاباغ چٽا رينج وٽ ۾ ڏاکڻو ڇيڙو ڪالاباغ ڊيم جي ڏکڻ ۾ مشهور معروف سالٽ رينج يا لوڻ جي پهاڙن جي سلسلي وٽ آهي، ان جي اولهہ ۾ ڪوهاٽ پهاڙي سلسلو ۾ اوپر ۾ ڪيوڙا پهاڙي سلسلا آهن. (ڏسو سعيد احمد راشد جو ڪتاب ”ڪالاباغ ڊيم منصوبي جي سائنسي ڇنڊڇاڻ“).

صوبي سرحد وارن جو چوڻ آهي تہ، ڪالاباغ ڊيم نهڻ ڪري اٽڪ واري تنگ درياهي لوگهي ڪي پاڻي گڏ ڪرڻ جو اونهو تلاءُ بنايو ويندو ۾ ان ۾ 7.9 ماف پاڻي گڏ ڪيو ويندو. ڊيم جي ديوار درياهہ جي تري کان 260 فوٽ مٿي هوندي ۾ اها اٽڪ واري لوگهي وٽ سنڌوءَ جي سطح کي اوچو ڪندي، تان جو هاڙي واري ندين جي ميلاپ وٿهاڙي تائين ۾ اتان وني اڪوڙهہ تائين ڪابل نديءَ جي سطح وڌائي ڇڏيندي، نوشهرو شهر جنهن ۾ 1.80.000 ماڻهو رهن ٿا، اهو ڪابل نديءَ ڪي ڪاٻي ۾ ساڄي پاسن تي آهي. ان جو هيٺيون حصو درياهہ تي ٻڌل بندن کان 24 فوٽ هيٺ هوندو، جيڪڏهن بچاءَ بند ڪٽي بہ ٽٽي پيا تہ نوشهرو از خود موت مري ويندو.

بهرحال 50 سالن جي عرصي ۾ نوشهرو شهر ۾ ان جي آسپاس وارو علائقو ڏٻيو ٻڃي ويندو. تنهن ڪانسواءِ 50 ميلن ڊگهو اٽڪ کان نوشهري وارو روڊ ۾ ان جون پلون ٻڏي ويندیون. مردان جي لوٽياٽ تي ڪنٽرول ڪرڻ واري پروجيڪٽ (اسڪارپ) جي سطح ڪالاباغ ڊيم جي رزروواير جي سطح کان هيٺ هجڻ جي ڪري اهو تباهہ ٿي ويندو. پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 161 جي سب آرٽيڪل 2 ۾ چيل آهي تہ، جنهن صوبي ۾ پاڻيءَ واري بجليءَ جو پروجيڪٽ رکيو ويندو، پاور پيدا ٿيڻ مان جيڪو صافي فائدو ٿيندو، سو

انڪي ملندو. ڪالاباغ ڊيم جو رزروواير واهه صوبي سرحد ۾ آهي ۽ پاور اسٽيسن پنجاب ۾ آهي. تنهن ڪري ان جو آئيني فائدو پنجاب کي ٿيندو ۽ فقط نقصان صوبي سرحد کي ٿيندو.

بلوچستان جيتوڻيڪ سنڌو درياهه کي ڇهي نٿو ۽ ان ۾ صحيح معنيٰ ۾ هيٺيون درياهي علاقفو ناهي، تنهن هوندي بہ گڊو بئراج مان جيڪو پٽ فيڊر واهه نڪري ٿو، سو 3400 ڪيوسڪ پاڻي کڻي ٿو ۽ بلوچستان جي اٽڪل 3 لک ايڪڙو زمين آباد ڪري ٿو. بلوچستان تازو چيو آهي تہ، پٽ فيڊر کي وري ري ماڊل ڪيو وڃي ۽ ان مان 6000 ڪيوسڪ وڌيڪ پاڻي بہ لک ايڪڙ زمين آباد ڪرڻ لاءِ بلوچستان کي ڏنو وڃي. جيڪڏهن سنڌو درياهه ۾ پاڻي ئي نہ هوندو تہ بلوچستان کي نہ رڳو بہ لک ايڪڙ وڌيڪ آباديءَ جو پاڻي نہ ملندو پر اڳوڻي ملندڙ پاڻيءَ جو بہ حصو خطري ۾ پئجي ويندو.

ڪالاباغ لاءِ پهريائين چيائون تہ ان ۾ رڳو پاڻي گڏ ڪبو، ڪجهه سالن کانپوءِ چيائون تہ، بجلي ٿا ناهيون ۽ آخر ۾ چيائون تہ پنجاب کي بہ ٻيا واهہ بہ ڪڍي ڏيڻا آهن. هاڻ پاڻيءَ جي منصوبن موجب 6.1 ماف پاڻي ڊيم ۾ گڏ ڪرڻو آهي ۽ درياهه جي ساڄي ۽ کاٻي ڪپ تان بہ واهه ڪڍڻا آهن، جن مان کاٻي ڪپ وارو واهه 170 ميل ڊگهو هوندو، جيڪو ڊيم مان 15000 ڪيوسڪ يعني 6.66 ماف پاڻي ڪڻندو، جن مان 2.01 ماف پاڻيءَ سان ٽي لک اسي هزار ايڪڙو زمينون آباد ڪيون وينديون ۽ باقي 4.65 ماف پاڻي رسول بئراج وٽ جهلم نديءَ جي پيٽ ۾ وڌو ويندو، چو تہ ان نديءَ جو پاڻي پنجاب 1960ع ۾ هندستان کي وڪڻي ڇڏيو هو. ساڄي ڪپ وارو واهه 98 ميل ڊگهو هوندو، جيڪو ڊيم مان 15000 ڪيوسڪ يعني 6.66 ماف پاڻي کڻي هڪڙيون 21 لک 20 هزار ايڪڙو زمينون عام طرح آباد ڪندو، ٻيو ست لک 32 هزار ايڪڙ زمينون پاڻي 50 کان 260 فوٽ مٿي چڪي آباد ڪندو ۽ ٽيون ست لک 33 هزار ايڪڙ زمينون پاڻي ست سو فوٽ مٿي جبل کي چڪي آباد ڪندو. (ڏسو: ڪالاباغ ڊيم جون خاص ڳالهيون 1989ع ۾ سڏايل)

جيئن تہ سنڌو درياهه ۾ ڊيم ۾ وجهڻ لاءِ واڌو پاڻي آهي ئي ڪونہ، ان ڪري ڊيم ۾ پاڻي ظاهر آهي تہ فقط سنڌ کي 1991ع واري ناه موجب ڏنل 33.07

ماف پاڻيءَ مان ئي ڪجهه مختلف بهانا ڏيئي توڙي سيني دنگي ڪري ڌاڙا هڻي ڪنيو ويندو.

## سنڌ کي ڪالاباغ ڊيم مان نقصان:

1- دستور موجب پنجاب زبردستي پاڻي ڪٽي ويندو ۽ سنڌ سڪائي ڇڏيندو.

2- عالمي موسمي تبديليءَ سبب سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ چاڙهه اچي رهيو آهي ۽ درياهه جو پاڻي هينئر ئي سڪي ويو آهي. ڪالاباغ ڊيم ڪان پوءِ سمنڊ جي چاڙهه ۽ لوٽياني جي واڌ، لاڙ ڪائي ڇڏيندو.

3- ڪچو ختم ٿي ويندو، سنڌ جي اتر ڪان ڏکڻ تائين 600 ميلن ۾ درياهه جو ڪچو آهي. جيڪو پنج ميل ويڪرو آهي، ان جي ڪل ايراضي اٽڪل 19 لک ايڪڙ آهي. منجهن اٽڪل 6 ايڪڙ درياهي ٻيلو آهي، اٽڪل 13 لک ايڪڙ مال چرڻ جي ايراضي آهي ۽ اٽڪل 6 لک ايڪڙ زمين آباد آهي، ڪالاباغ ڊيم جيڪا سوڪ آڻيندو سا ڪچي کي تباهه ڪري ڇڏيندي.

4- پاڻي جي لاڳيتي گهٽتائي ۽ سست وهڪري ڪري ۽ سنڌو ۾ لوڻ، سلٽ ۽ غلاظت جي گهربل صفائي نه ٿيڻ ڪري سنڌ جو پيٽ ۽ پاڻي وڏيڪ لوٽيانيو ۽ غليظ ٿي ويندو ۽ زمينون، فصل، ماڻهو مال ۽ ٻيا ساهوارا متاثر ٿيندا.

5- سنڌ غلامن جي غلام ٿي ويندي ۽ ساڻس ”گولا جي گولن جا تن جو ٿي غلام“ وارو ڪم ٿي ويندو. مهربان قدردان پنجابي حڪمران ڪوبه بهانو ڏيئي يا بنا ڪنهن به بهاني ڏيڻ جي جڏهن ڪپندن ۽ جنهن مهل ڪپندن، جيترو به ڪپندن سيني زوري ڪري پاڻي بند ڪري ڇڏيندا ۽ سنڌي ماڻهو ڦڙي ڦڙي لاءِ تڙپندا، شل نه ماڻهو ماڻهو جو محتاج ٿئي سو به ههڙن ناميارن رحمدل ۽ اشراف مهربانن ۽ قدردانن جو ۽ سو به جنهن پاڻيءَ ۾ پساهه هجي تنهن لاءِ!

انسان ذات نادر شاهَن، هلاڪوئن، چنگيزن، هٽلرن ۽ مسولينن جا دور به ڏسي چڪي آهي، اسين ون يونٽن، ڍاڪا تي آپريشن، بلوچستان تي چڙهاين جا

جلوا پسي ۽ ٿن مارشل لائن جون موجون ماڻي چڪا آهيون، پر ”ڀلان ڀليءَ جو چيهه ڪونهي“.

## هزار دفعا سوچيو!

حڪمران ڪي گهرجي ته ڪوبه اڳرو ۽ قطعي قدم کڻڻ کان اڳ هزار دفعا سوچين ۽ سمجهن ته سازشي ڪين پڀيون ڏيئي، گمراهه ڪري کُن ۾ ڦاسائڻ گهرن ٿا.

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books